# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 2002
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 32 جي ترميم

Amendment of section 32 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 103 جي ترميم

Amendment of section 103 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 156 جي ترميم

Amendment of section 156 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 185 جي ترميم

Amendment of section 185 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

6. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Sixth Schedule of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 2002

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 2002

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[27 اپريل 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 32 جي پهرين شرطيہ بيان ۾ لفظ "تہ"، ڪانپوءِ لفظ "شروعاتي" شامل ڪيو ويندو ۽ لفظن "تعلقي ميونسپل ايڊمنسٽريشن" لاءِ لفظ "ضلعي حڪومت" متبادل ٿيندا. | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 32 جي ترميم<br>Amendment of section 32 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |
| 3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 103 جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ وڌيڪ تہ ڌرين کي ڪنهن تڪرار تي قابل قبول ناهہ لاءِ مصالحت انجمن کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر (1898 جي ايڪٽ V) جي دفعہ 345 جي گنجائشن موجب اختيار حاصل هوندو، حدود لاز ۽ ٻين سمورن وقتي طور لاڳو قانونن جي دائري ۾ اهي ڏوهہ نہ ايندا هوندا.<br>بشرطيڪ اهو بہ تہ مصالحت انجمن تحت ڪيل هر ناهہ، جيڪڏهن ڪنهن صورت ۾ عدالت جي سامهون التوي هيٺ آهي تہ اهو اهڙي عدالت جي منظوري سان لاڳاپيل هوندو."، | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 103 جي ترميم<br>Amendment of section 103 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |
| 4. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 156 ۾، ذيلي دفعہ (3) ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>"(3_A) ذيلي فعہ (3) ۾ چاٽايل هڪ سال جو عرصو ڪائونسل جي آفيس ملڻ واري تاريخ کان ڳڻيو ويندو،<br>بشرطيڪ ان سال دوران جنهن ۾ عام چونڊون ٿيڻيون آهن | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 156 جي ترميم<br>Amendment of |

section 156 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

تہ ضمني چونڊون ارڙھن مهينن دوران ڪرايون وينديون.”.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 185 جي ترميم

Amendment of section 185 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. ڇاڙتايل آرڊيننس جي دفعہ 185 ۾ ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(3)جيستائين ڪجهہ دفعات 109 ۽ 119 جي متضاد نہ هجي، تہ مالي سال 2002_2001 لاءِ مڪاني حڪومتون ان سلسلي ۾ ڪنهن خاص مقصد لاءِ ترقياتي بجيٽ جو پنجاهہ سيڪڙو الڳ نہ ٿيون ڪري سگهن:

بشرطيڪ شهري ڪميونٽي بورڊس طرفان تجويز ڪيل ترقياتي اسڪيمن کي اوليت ڏني ويندي ۽ ڪائونسلز کي منظوري لاءِ پيش ڪيل بجيٽ ۾ شامل ڪيون وينديون.”.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Sixth Schedule of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

6.ڇاڙتايل آرڊيننس جي ڇهين شيڊول ۾:

(i) پيراگراف 27 جي عنوان ۾ لفظ “بورڊ” لاءِ لفظ “مڪاني حڪومت” متبادل ٿيندا؛

(ii) پيراگراف 39 جي شق (d) ۾ لفظ “ڪنٽونمينٽ” لاءِ لفظ “مڪاني ايراضي” متبادل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**